## اُتم ۽ سندس رچنائن بابت سنڌوارن جا رايا

سنڌ ۾ ڇپيل ڪتاب ’سنڌي ادب ۾ تنقيدنگاري‘

### - ’نئين دنيا‘ جي رول بابت (ص، ١٥٣)

**خصوصيتون :**

سنڌي ٻوليءَ جي هرڪنهن رسالي پنهنجي سهوليتن ۽ ضرورتن پٽاندڙ تنقيدي اوسر ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ انهي ڪري هرڪنهن رسالي جي تنقيدي خدمتن جون مفرد خصوصيتون هرڪنهن جي ذهن ۾ اُڀري اچن ٿيون. هن رسالي جي اهڙين خصوصيتن جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو.

١. هن رسالي ۾ شايع ٿيل مختصر کان مختصر تبصرا ٻہ تنقيد جي تمام ويجهو نظر اچن ٿا ۽ انهن تي اشتهاري تبصري جي ڇاپ هڻي نٿي سگهجي، جيڪا اسانکي پنهنجي ڪيترن ۽ رسالن ۾ نظر اچي ٿي.

٢. هن رسالي ويهن سالن جي عرصي ۾ سراسري طور تي هڪ نہ ٻئي مهيني ۾ تنقيدي مضمون يا عملي تنقيد وارو ليک پئي ڏنو آهي ۽ تنقيدي اوسر جي هيءَ خدمت ’نئين دنيا‘ رسالي کي باقي ٻين رسالن کان منفرد ڪري بيهاري ٿي.

٣. جيئن اڳ ۾ ئي عرض ڪيو ويو آهي تہ هن رسالي ۾ شايع ٿيل عملي تنقيد جو وڏو انگ نقاد جي ناتي کان سواءِ ڏنو ويو آهي، جنهن ڳالهہ کي پڻ رسالي جي ايڊيٽر ۽ منتظمين جي بي لوثي ۽ تنقيد سان سهائي ڇئي سگهجي ٿو.

هن رسالي ۾ شايع ٿيل تنقيد جو معيار بهتر رهيو آهي. گهٽي ڪان گهٽيون تنقيدون ذاتي نفرتن ۽ محبتن ڪان بچايون ويون آهن ۽ اڪثر نقادن جي لکڻين مان سڌن مطالعي، عملي چاڻ ۽ فني مهارت جي خوشبوءِ محسوس ٿري سگهجي ٿي. ڪنهن به نقاد بيگر لاهڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي ۽ نه وري اوٽ تي قلم هٿ ۾ ڪنيو آهي. بلاشبه ڪيترين تنقيدون مختصر آهن پر انهن کي جامع سڏڻ ۾ ڪوبه ڪنجوسائي نٿو ڪري سگهي.

(ص.١٩١٣)

سال ١٩٧٤ ۾ بمبئي جي نئين دنيا پبلشرس طرفان اي. جي. اُتم جي ادبي ۽ تنقيدي مضمونن جو ڳٽڪو 'ساهت ۽ ساهتڪار' جي نالي سان شايع ٿيو. هڪ سؤ پارنهن صفحن جي هن ڪتاب ۾ اٺ مضمون ڏنا ويا آهن. ڪتاب ۾ شامل پهريون مضمون 'ساهت ۽ ساهتڪار' نظرياتي تنقيد جو سٺو مثال آهي. انهيءَ ڪانسواءِ نقاد 'ليکراج عزيز'، سامي ۽ پنائيءَ جي ڪلام تي تشريحي تنقيد ڪئي آهي ۽ 'پارت ۾ سنڌي ساهت' جي عنوان هيٺ سنڌي ادب جو تاريخي اهميت وارو تنقيدي جائزو ورتو آهي.